

## ۱۲۷۳ مجتمع آموزش عالي فقه


| | |
|---|---|
| سرشناسه: | فرهادیان، رضا، ۱۳۲۷- |
| عنوان قراردادی: | والدین و مربیان مسوول .سندی |
| عنوان و نام پدیدآور: | والدین ء ذمیوار استاد/ رضا فرهادیان؛ مترجم نایب‌علی کمیلی. |
| مشخصات نشر: | قم : مرکز بین‌المللی ترجمه و نشر المصطفی ﷺ، ۱۴۳۸ ق.= ۱۳۹۶. |
| مشخصات ظاهری: | ۳۶۰ ص.؛ ۱۴/۵×۲۱/۵ س‌م. |
| شابک: | ۹۷۸-۶۰۰-۴۲۹-۱۹۹-۶ |
| وضعیت فهرست نویسی: | فیپا |
| یادداشت: | سندی. |
| یادداشت: | کتابنامه: ص. [۳۵۹] - ۳۶۰؛ همچنین به صورت زیرنویس. |
| موضوع: | تربیت خانوادگی -- جنبه‌های مذهبی -- اسلام |
| موضوع: | *Domestic education -- Religious aspects -- Islam* |
| موضوع: | خانواده‌ها -- جنبه‌های مذهبی -- اسلام |
| موضوع: | *Families -- Religious aspects -- Islam* |
| موضوع: | کودکان -- سرپرستی، Child rearing |
| موضوع: | آموزش و پرورش دوران اولیه کودکی، *Early childhood education* |
| موضوع: | والدین و کودک (فقه)، *Parent and child (Islamic law)* |
| شناسه افزوده: | کمیلی، نایب‌علی، مترجم |
| شناسه افزوده: | جامعة المصطفی ﷺ العالمیة. مرکز بین‌المللی ترجمه و نشر المصطفی ﷺ |
| شناسه افزوده: | *Almustafa International UniversityAlmustafa International Translation and Publication center* |
| رده بندی کنگره: | BP۲۵۳/۴/ف۴و۲۰۴۹۵۵ ۱۳۹۶ |
| رده بندی دیویی: | ۲۹۷/۶۴۴ |
| شماره کتابشناسی ملی: | ۴۷۶۷۵۱۳ |

**والدين ۽ ذميوار استاد**

**ليکڪ**: **رضا فرهاديان**

**سنڌيڪار**: **نائب علي ڪميلي**

**ڇاپو پهريون**: **١٣٩٦ش / ١٤٣٨ق**

**ڇپائيندڙ: انٽر نيشنل المصطفیﷺ ترجمہ ونشرمرکز**

● **ڇاپخانو:** نارنجستان ● **قيمت:** ١٧٠٠٠٠ ريال ● **تعداد:** ٣٠٠



●IRAN, Qom; Muallim avenue western , (Hujjatia).
Tel: +98 378 36 134 Tel-Fax: +98 25-37839305 - 9
●IRAN, Qom; Boulevard Muhammad Ameen, Y-track Salariyah.
Tel: +98 25-32133106

https://telegram.me/pub_almostafa
http://www.buy-pub.miu.ac.ir/
miup@pub.miu.ac.ir
pub.miu.ac.ir



باسپاس از دست اندرکارانی که ما را در تولید این اثر یاری رساندند.

● **مدیر انتشارات:** مرتضی محمدعلی نژاد شانی
● **مدیر تولید:** جعفر قاسمی ابهری
● **ناظر فنی:** محمدباقر شکری
● **ناظر گرافیک:** مسعود مهدوی
● **ناظر چاپ:** نعمت‌الله یزدانی
● **صفحه‌آرا:** سید محسن عمادی‌مجد

# والدين ۽ ذميوار استاد

ليکڪ:
رضا فرهاديان

سنڌيڪار:
نائب علي ڪميلي

Al-Mustafa International
Translation and Publication Center

# ناشر پاران

عظيم اسلامي انقلاب جي ڪاميابي ۽ رابطن جي جهاني ٿيڻ کان پوءِ انساني علوم جي ميدان ۾ نوان نوان سوال ۽ شڪ شبها مسلمان مفڪرن آڏو پيش ٿيڻ شروع ٿيا آهن، جيڪي هن زماني ۾ حڪومت لاءِ سنگين ذميواري جو سبب بڻجي رهيا آهن. اهو زمانو جيڪو ملڪن جي همہ گير سرپرستي ڪرڻ ۾ دين ۽ سنت جي پابندي ڪي تمام سخت بڻايو ڇڏي. ان ڪري اڄ ڪلهه جون تحقيقون جامع، منظم، ديني ميدان ۾ ڪارائتيون، دنيا جي معتبر معيارن ۽ خالص ۽ اونهي فڪرن تي مشتمل هجڻ گهرجن ۽ ديني ميدان ۾ تحقيق ڪندڙ حضرات جي فڪري ۽ تربيتي انحراف کان روڪتام، هڪ اهم ڪم جي عنوان سان ۽ هن شجره طيبہ جي باني حضرات خاص طور تي عظيم اسلامي انقلاب جي باني امام خميني (قدس سره) ۽ رهبر معظم انقلاب جي خاص عنايت تحت هجي.

ثقافتي ۽ رابطاتي ميدانن ۾ مغرب جي ثقافتي تسلط جي پکڙجڻ ۽ انهن جي جهاني ٿيڻ جي اها تقاضا آهي تہ هن مسئلن ۾ دلچسپي رکندڙ حضرات ۽ شاگرد، بلند فڪرن ۽ قيمتي معيارن کان آگاهہ ٿين ۽ اهو ڪم اسپيشل سبجيڪٽن ڪي وجود ۾ آڻڻ، نون ۽ بي نياز ڪندڙ مواد ڪي تدوين ڪرڻ، تعليم ۽ شاگردن جي لاءِ آماده ٿيل تربيت جي دامن ڪي وسعت ڏيڻ سان ئي پڄاڻي تي پهچندو. اها مهم ڪڏهن بنيادي مسئلن ڪي ڇيڙڻ ۽ ڪڏهن اسپيشل مواد ڪي تدوين ڪرڻ سان سجاتي وڃي ٿي تہ ڪڏهن وري علمي بحثن ڪي آسان ۽ عام فهم زبان ۾ سهيڙڻ سان سامهون اچي ٿي.

تعليمي مرڪز رڳو منظم، قانوني ۽ جديد طرز مطابق تعليمي نظام جي سائي هيٺ ئي پروان چڙهي سگهن ٿا. سڪيا جي مواد ۽ تعليمي ۽ تحقيقاتي طريقہ ڪارن تي نظر ثاني ڪرڻ ۽ انهن ڪي جديد دور جي تقاضائن مطابق پيش ڪرڻ پڻ ان نظم ۽ نواڻ ۽ نتيجي طور تعليمي ۽ تحقيقي مرڪزن جي علمي ترقي جو سبب ٿئي ٿو.

“جامعہ المصطفیٰ العالميہ” (المصطفیٰ انٽر نيشنل يونيورسٽي) قم المقدس ان اهم ڪم جو حصو بڻجي، غير ايراني طالبعلمن جي تعليم ۽ تربيت جي عظيم ذميواري سنڀاليندي مناسب تعليمي مواد جي تاليف ڪي پنهنجو مقصد بڻايو آهي ۽ ديني علوم جي مختلف سبجيڪٽن ۾ درسي مواد ڪي لکڻ ۽ نشر ڪرڻ ان مهم جو نتيجو آهي.

انٽر نيشنل المصطفیٰ صلى الله عليه وآله
ترجم ونشر مرڪز

# فهرست

مهاڳ ........................................ ١١
سنڌيڪار پاران ٻه اکر ........................................ ١٥
باب پهريون: تربيت ........................................ ١٧
اسلام جي تربيتي نظام ۾ ٽي بنيادي اصول ........................................ ١٨
١. «توحيد ۽ خدا تي عقيدو» انسان جي جهان جي باري ۾ سنڌس عقيدي تي حاڪم بنيادي اصل ........................................ ١٨
٢. تقوا «پرهيزگاري» ڪردار تي حاڪم هڪ اصل ۽ بنياد ........................................ ٢٦
٣. «امتحان» جهان ۾ پيش ايندڙ حوادث جي سلسلي ۾ انسان جي نظرئي ۽ فڪر مٿان حاڪم اصل ........................................ ٢٦
ٻارن جي شخصيت ناهڻ جو طريقہ ڪار ........................................ ٢٧
تعليم ۽ تربيت جو عنوان ........................................ ٢٩
ٻار جي اخلاقي شخصيت جو بنياد ........................................ ٣١
شخصيت جي سيني رخن تي ڌيان ڏيڻ ........................................ ٣٦
اسڪول ۾ وڃڻ ڪان پهرين ........................................ ٣٨
احساساتي مسئلن جوحافظي تي اثر انداز ٿيڻ ........................................ ٣٨
گهربل عادتن ڪي وجود ۾ آڻڻ ........................................ ٤٠
ٻار جي واڌ ويجهہ ۾ راند جو اثر ........................................ ٤١
باب ٻيو: ٻار جي تربيت ۽ ان جي ترقي جا مرحلا ........................................ ٤٣
زندگيءَ جا پهريان ست سال ........................................ ٤٥
سڀ ڪان وڌيڪ اهم زمانو ........................................ ٤٦
پهريَن ستن سالن ۾ ٻار جي سرداري جا قيمتي نتيجا ........................................ ٤٩
١. ٻار ۾ لڪيل صلاحيتن جو اجاگر ٿيڻ ........................................ ٤٩

٢. ٻار جو ماءُ، پيءُ تي ڀروسو ........................................ ٥٠
٣. اطاعت واري وقت لاءِ آماده ٿيڻ ........................................ ٥٢
٤. اينداڙ زماني ۾ ٻار جي اندر روحاني ۽ نفسياتي سڪون جو پيدا ٿيڻ........ ٥٣
٥. پاڻ تي اعتماد جو جذبو ۽ مستقل مزاج شخصيت جي تربيت.................... ٥٣
سرداري واري زماني جون ڪجهه ياد گيريون ........................................ ٥٤
زندگيءَ جا بعد وارا ست سال ........................................ ٥٧
زندگيءَ جا بعد وارا ست سال (٨ سال کان ١٤) ادب سيکارڻ جو تمام اهم مرحلو ٥٩
پندرنهن سالن کان ايڪيهه سالن تائين وارا ست سال ........................................ ٦٣
جوانيءَ جو زمانو ........................................ ٦٥
**باب ٽيون: جوان جي بالغ ٿيڻ وارو دور ........................................ ٦٩**
پهريون قدم ........................................ ٦٩
جوان جي لاءِ مستقبل جي سوچ رکڻ ........................................ ٧١
حقيقت کي ڏسڻ ........................................ ٧٢
زندگيءَ جو تمام اهم مرحلو ........................................ ٧٣
بالغ ٿيڻ جون جسماني نشانيون ........................................ ٧٣
ڇوڪرن ۾ بالغ ٿيڻ جا روحاني ۽ نفسياتي اثر ........................................ ٧٥
ڇوڪرين جي بالغ ٿيڻ جون نشانيون ........................................ ٧٦
پنهنجي قيمت کي سمجهڻ ........................................ ٧٨
جوان جي ذهني ۽ عقلي ترقي ........................................ ٧٨
جوان ۾ خودي واري حيثيت جو ظاهر ٿيڻ ........................................ ٨٠
جوان ۾ خوف جو اچڻ ........................................ ٨١
جوان ۾ ڪاوڙ جي لهر ........................................ ٨٣
محبت ........................................ ٨٥
ڇوڪرن جي بالغ ٿيڻ وقت جا احڪام ........................................ ٨٦
ڇوڪرين جي بالغ ٿيڻ جا احڪام ........................................ ٨٨
بلوغ واري زماني جي اهميت ........................................ ٩١
تڪليف ۽ ذميواريءَ جو جشن ........................................ ٩٢
اندروني خواهشون ۽ ٻاهريان شهوت انگيز سبب ........................................ ٩٤
حقيقت واري نگاهه ........................................ ١٠٠
واندڪائي وارو وقت ........................................ ١٠٢
جوان جي لاءِ نظم جو هجڻ ........................................ ١٠٥
دوستن سان گڏ زندگي گذارڻ ........................................ ١٠٧
جوان ڇوڪري ۽ سندس لباس ........................................ ١٠٩
جوان ۽ پاڻ بچائڻ ........................................ ١١٢

**باب چوٿون: جنسي برايون ۽ انهن جو علاج** ........ ١١٧
جنسي برائي پيدا ٿيڻ جا سبب ........ ١١٨
صحيح نظريو ........ ١٢٠
عشق ۽ جواني ........ ١٢١
جنسي برائي جي پيدا ٿيڻ جا سبب ........ ١٢٣
تنبيہ ........ ١٢٥
جوان جي سوچ تبديل ٿيڻ سان موٽ ........ ١٢٥
علاج جو طريقو ........ ١٢٧
ڪجھ عملي نقطن جي سفارش ........ ١٢٨
ڪجھ فقهي حڪم ........ ١٣٢
**باب پنجون: تربيت جي ذميواري** ........ ١٣٥
گھر ۽ اسڪول ........ ١٣٦
اسڪول کان پهرين گھر ۾ هماهنگي جو هجڻ ........ ١٣٧
سڀ کان پهرين درسگاھ ۾ رابطي جو ڪردار ........ ١٣٨
سسٽم ڇا آهي؟ ........ ١٣٩
رابطو ڇا آهي؟ ........ ١٣٩
سالم رابطو ڪھڙو هوندو آهي؟ ........ ١٣٩
گفتگوء رابطي جو اهم وسيلو ........ ١٤٠
گفتگو وارو رابطو ........ ١٤٠
رابطي جي فضا ........ ١٤٣
رابطي جي لاءِ معنوي فضا ........ ١٤٣
چڱي نموني ٻڌڻ ........ ١٤٤
چڱي ڳالھ ڪرڻ ........ ١٤٤
پلو ڳالهائڻ ........ ١٤٦
ڳالهائڻ ۾ غلط ڳالھ نہ ڪندا ڪيو. ........ ١٤٦
ماءُ پيءُ جو هڪٻئي سان رابطو ........ ١٤٦
لفظن جو احساساتي ۽ نفسياتي اثر ........ ١٤٩
ماءُ پيءُ جا هڪٻئي جي حوالي سان سالم ۽ اصلاح ڪندڙ رابطا ........ ١٥٤
زال ۽ مڙس جي درميان سالم رابطن جون خاصيتون ........ ١٥٧
**باب ڇهون: ٻارن ۽ نوجوانن سان رابطي رکڻ جا طور طريقا** ........ ١٦٣
ٻارن ۽ نوجوانن سان رابطو رکڻ ........ ١٦٣
پهريون قدم: ٻارن جي سمجھ جي اندازي ڪي سمجھڻ ........ ١٦٥
ٻيو قدم: ٻارن جي اخلاقي سوچ جي اندازي ڪي سمجھڻ ........ ١٦٦
ٽيون قدم: ٻار جي موجوده حالت ڪي سمجھڻ ۽ سندس نفسياتي آمادگي ........ ١٦٧

چوٿون قدم: ٻار جي ڳالهه ۽ راءِ تي مڪمل طور ڌيان ڏيڻ........................... ١٦٨
پنجون قدم: ٻار کي جيئن آهي، ائين ئي تسليم ڪرڻ، نہ ائين جيئن ڪيس هجڻ گهرجي.................................................................................................... ١٦٩
ڇهون قدم: همدردي جو احساس ....................................................... ١٧١
١. آزادي پسند سوچ وارو طريقو، ٻار جي احساسن جي رهنمائي لاءِ راهہ هموار ڪندڙ................................................................................................ ١٧٢
٢. ٻار جي احساسن کي صحيح رستو ڏيکارڻ.............................................. ١٧٥
ستون قدم: عزت نفس کي اڀارڻ ۽ اهميت ڏيڻ........................................... ١٧٧
١. ٻار جي شخصيت ۽ عزت نفس کي نقصان پهچائڻ، ٻار جي نفسياتي رُخني جو اصلي سبب ..................................................................................... ١٨٢
٢. انسان جي شخصيت جي توهين تي سياسي نظر ........................................ ١٨٤
٣. ٻارن جي توهين جا طريقا ................................................................ ١٨٨
۴. ڪجهہ توهين ڀريا رويا .................................................................... ١٨٨
۵. ٻار جي تربيت جي حوالي سان شروعاتي تيارين جي باري ۾ ڪجهہ حديثون ۽ روايتون................................................................................... ١٩٠
٦. اولاد جا حق ۽ والدين ۽ استادن جون ذميواريون..................................... ١٩٣
٧. استاد جو ٻار جي اصلاح ۾ ڪردار ۽ پيءُ، ماءُ جو ان کان آگاهہ هجڻ.... ١٩٦
باب ستون: ٻارن ۽ نوجوانن ۾ اخلاقي قانونن جي شڪل جي اچڻ جا مرحلا ................................ ٢٠٣
پهريون مرحلو ................................................................................ ٢٠٣
ٻيو مرحلو...................................................................................... ٢٠۴
ٽيون مرحلو..................................................................................... ٢٠۴
ياد ڪرڻ ۽ علم ۽ آگاهي سان ڪنهن شيءِ کي قبول ڪرڻ جو ماحول ڪيئن فراهم ٿي سگهي ٿو........................................................................................ ٢٠۵
اخلاقي تعليمات تي عقيدو پيدا ڪرائڻ.................................................... ٢٠٨
ٻار کي منطقي ڪردار جي نتيجن کان آگاهہ ڪرڻ ..................................... ٢١١
ٻار جو سوال ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ.......................................................... ٢١٦
والدين جي دلي لڳاءُ ۽ هماهنگي جو ڪردار ........................................... ٢١٧
والدين جي اختلاف جا نتيجا ............................................................... ٢١٨
ڇا ڪرڻ گهرجي؟............................................................................. ٢١٨
ٻارن ۾ عادت وجهڻ جو بنياد.............................................................. ٢١٩
تربيت جا طريقا............................................................................... ٢٢١
١. محبت........................................................................................ ٢٢١
ٻار تي ڌيان نہ ڏيڻ جا اثر ................................................................ ٢٢٣
٢. ٻار جي شخصيت جو احترام ڪرڻ ..................................................... ٢٢۴

ٻار کي شخصيت ڏيڻ جون راهون ..... ٢٢٥
١. ٻار سان گڏجي راند ڪيڏڻ ..... ٢٢٥
٢. ٻار کي سلام ڪرڻ ..... ٢٢٧
٣. واعدي کي پورو ڪرڻ ..... ٢٢٨
٤. بردباري ..... ٢٢٨
خبردار ڪرڻ ..... ٢٢٩
١. جسماني اذيت جا غلط اثر ..... ٢٢٩
٢. تنبيہ ۾ ڪجھ اهم نڪتا ..... ٢٣٢
ڪمن کي ساراهڻ ..... ٢٣٤
١. ساراهڻ جي سلسلي ۾ ڪجھ نڪتا ..... ٢٣٥
٢. اسڪول کان پهرين ضروري هدايتون ..... ٢٣٧
٣. ان زماني جون خاصيتون ..... ٢٣٧
٤. اسڪول جو سڀ کان پهريون تربيتي مقصد ..... ٢٣٨
آگاهي سان قانونن جي پاسداري ..... ٢٣٩
مددگار وسيلن مان ڪم وٺڻ ..... ٢٤٠
**باب اٺون: ٻارن جي شخصيت ۾ تعليمي صلاحيت پرکڻ جو ڪردار ..... ٢٤٣**
ڪجھ اسڪولن پاران ٻارن جي تعليمي صلاحيت پرکڻ جو مقصد ..... ٢٤٣
تعليم ۽ تربيت جو مقصد ..... ٢٤٤
صلاحيت پرکڻ (امتحان) جي سمجھاڻي ..... ٢٤٥
صلاحيت پرکڻ جا مقصد ..... ٢٤٦
شاگرد جي حوالي سان امتحان ۽ صلاحيت پرکڻ جا سبب ..... ٢٤٦
استاد جي حوالي سان امتحان ۽ صلاحيت پرکڻ جا سبب ..... ٢٤٧
**باب نائون: ٻارن جي شخصيت جي تربيت جا ميدان ..... ٢٥١**
ڪم جو ماحول ۽ ميڪينزم ..... ٢٥١
تمام اهم اصل ..... ٢٥٢
ڪم جو بنيادي مرڪز ..... ٢٥٤
ڪم جا شرائط ۽ ان جي حوالي سان پيدا ٿيندڙ حساسيتون ..... ٢٥٧
عزت نفس جي تمام طاقتور انرجي کي ٻاهر ڪيڻ ..... ٢٦١
ڪنهن سان پيش اچڻ جي حساب سان تمام اهم اصول ..... ٢٦٣
عزت نفس ۽ قدر ۽ قيمت جو احساس پيدا ٿيڻ ..... ٢٦٦
نفسياتي لحاظ سان انسان جي سڀ کان اهم ضرورت ..... ٢٧٠
عزت نفس جي تجلي ۽ پيدائش جو بنياد ..... ٢٧٢
عزت نفس ۽ پنهنجي قدر ۽ قيمت کي سمجھڻ جو ردعمل ..... ٢٧٢
عزت نفس جي سلسلي ۾ نيون ايجادون ..... ٢٧٣

عزت نفس جي سلسلي ۾ نظر کي وسيع رکڻ..................... ۲۷۴
عزت نفس جو نہ هجڻ..................... ۲۷۵
توهين جي احساس جي سلسلي ۾ تمام گهڻو نقصان پهچائيندڙ اثر..................... ۲۷۸
**باب ڏهون: ٻارن ۾ عزت نفس کي زنده رکڻ جا ڪارائتا سبب..................... ۲۸۱**
آزاد سوچ وارو طريقہ ڪار..................... ۲۸۱
مدمقابل جو احترام..................... ۲۸۳
جذبو پيدا ڪرڻ..................... ۲۸۴
گروهي بحث مباحثي لاءِ گڏجاڻيون ڪوٺائڻ..................... ۲۸۷
۱. گروهي بحث مباحثي جي گڏجاڻين جي ضرورت..................... ۲۸۷
۲. انساني عزت تائين پهچڻ..................... ۲۹۱
۳. پيغمبر اسلامﷺ جي ڪردار ۾ بزرگواري جا جلوا..................... ۳۰۲
۴. ٻارن سان پيش اچڻ ۾ بزرگواري جو مظاهرو..................... ۳۰۴
**باب يارهون: ٻارن ۽ نوجوانن جي تربيت لاءِ اهم ڪارائتا نڪتا..................... ۳۰۷**
ٻارن کي مجبور ڪرڻ..................... ۳۰۸
ابتدائي مرحلن ۾ تربيتي نڪتا..................... ۳۱۱
اڻ ٻڌت..................... ۳۱۲
آزادي..................... ۳۱۳
پائيداري..................... ۳۱۳
ٻين سان پيش اچڻ..................... ۳۱۴
عادتن کي جذب ڪرڻ..................... ۳۱۸
جذباتي احساس..................... ۳۱۹
اخلاقي ۽ تربيتي مسئلا..................... ۳۲۵
ٻار ۽ نوجوان سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ ضروري ڪارائتن نڪتن جو خلاصو ۳۴۵
تعليم ۽ تربيت جي سلسلي ۾ چند سفارشون..................... ۳۵۶
**مددي ڪتاب..................... ۳۵۹**

# مهاڳ

اهڙي زماني ۾ جتي پورو جهان لڳاتار ۽ پوري تيزي سان تبديل ٿيڻ واري مشڪل سان مهاڏو اٽڪائي چڪو آهي، صنعتي نظام ۽ مشينري سسٽم جي روزاني واري واڌاري سيني مرڪزن مٿان پنهنجو اثر ڇڏيو آهي، ۽ سيني ڪان وڌيڪ خاندان ۽ گهرن ۾ پاڪيزگي ۽ دلي لڳاءُ تي مشتمل رابطن ڪي پنهنجي اثر هيٺ آڻي ڇڏيو آهي، ۽ هيءُ مقدس نظام اندر ڪان بلڪل خالي ٿي، برباد ٿيڻ وارو آهي. ان ڪري، انساني سوچ ۽ فڪر جو نظام نہ چاهيندي بہ ثقافتي يلغار، سٽلائيٽ سسٽم، غيرمحسوس طاقتن ۽ تباهي آڻيندڙ فلمن، موسيقي جي سيلاب جي لهر هيٺ اچي چڪو آهي ۽ ان شيءِ جو وڏو خطرو آهي تہ آهستہ آهستہ انسان اخلاقي مسئلن ۽ ديني سنتن ۽ طور طريقن جي حوالي سان سندس اندر ۾ جيڪا حساسيت ۽ اهميت محسوس ڪري ٿو، اها هٿان وڃائي ويهي. ان ڪري ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ هميشہ ڪان وڌيڪ ۽ هر شيءِ ڪان پهرين، پنهنجي حقيقي ثقافت جي بنيادن ڏانهن واپس موٽون؛ يعني: ديني طور طريقن ۽ اسلامي اصولن جي سرشار سرچشمي ڏانهن موٽون.

ان ڳالھ تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي تہ هر معاشري ۾، سياسي، اقتصادي ۽ دفاعي نظام ۾ حقيقي طور جيڪي تبديليون اينديون آهن، انهن جو بنياد ثقافتي تبديلي ۾ سمايل هوندو آهي. (تنهن ڪري) سوچون ۽ فڪر تبديل ٿين تہ جيئن اصول ۽ ڪردار تبديل ٿين، طور طريقا تبديل

ٿين ۽ اصولي معيارن سان نهڪندڙ شخصيتون تربيت پائين. اهڙي گهيڙ ۽ گهاٽ ۾ ضروري آهي تہ، تربيتي طريقن جو ڏس پڻ بلند اقدار ۽ اسلامي ثقافت مان ڦٽي نڪري ۽ معاشري جي ثقافتي نظام ۾ تبديلي آڻيندي، تربيتي معيارن ۽ طريقن ۾ تبديلي آڻجي. اهڙي ريت گذشتہ نظام (شهنشاهي نظام) جا نامناسب تربيتي طريقا جيڪو (نظام) ظلم کي قبول ڪرڻ ۽ شخصيت کان خالي انسانن جي تربيت جو سبب ٿيندو هو، اهو تبديل ٿيڻ گهرجي ۽ آزاد، مستقل مزاج ۽ عزم، ارادي ۽ شخصيت جي مالڪ ۽ نيون نيون ايجادون آڻيندڙ انسانن جي تربيت ڪندي هن ملڪ (ايران) کي مستقبل جي ترقي لاءِ اهم قدم کڻي سگهجي.

موجوده حالات ۾، ٻارن ۽ نوجوانن جو ڪجهہ فارغ وقت، نہ چاهيندي بہ مغرب جي مادي ۽ برٻادي ڦهلائيندڙ ثقافتي نظام جي پروگرامن ۽ ٽيڪنالاجي جي مسلط ٿيڻ ڪري وڃائجي رهيو آهي، جنهن جي ڪري اجتماعي زندگيءَ جي ميدانن ۾ پڪو پهہ ۽ ارادي کي مضبوط ڪرڻ جو موقعو ئي نہ ٿو ملي. ان بنياد تي، زندگيءَ جي اصلي ۽ حقيقي ميدانن ۾ ٻار ۽ نوجوان گهٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ انهن جي لاءِ طبيعي تجربن کي محسوس ڪرڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪا جڳهہ باقي نہ ٿي رهي. ڇاڪاڻ تہ خاندان (جا افراد) پاڻ ئي ٻارن کان بہ پهرين تمام جلدي، ان ثقافتي يلغار ۽ ڏوڪي باز سسٽم جي اثر هيٺ اچي وڃن ٿا، جيڪو سسٽم خاندان مٿان حاڪم ٿي چڪو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ سندن فڪر، اخلاق، هڪٻئي سان رابطا، سڀ جا سڀ تبديل ٿي وڃن ٿا، سندن احساس مٿجڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ ايمان جي نور جي روشني ۾، سوچ، ويچار ۽ دلي گهراين سان رابطا پيدا ڪرڻ جي فرصت ئي کسجي چڪي آهي. تنهن ڪري زندگيءَ جا اهم ۽ بنيادي مسئلا ۽ مشڪلون بہ جلدي جلدي حل ڪيا وڃن ٿا ۽ هڪ خاندان جي ماڻهن سان لڳاتار محبت ڀريو رابطو رکڻ جي فرصت ئي باقي نہ ٿي رهي. هاڻي هيءُ ٻار ، پنهنجي خاندان جو ٻار ناهي، بلڪ اهو انهيءَ استعماري طاقتن طرفان فلمن (ٻيءَ ثقافتي يلغار) جي ذريعي مڙهيل ٽيڪنالاجي نظام جو اولاد آهي.

صنعت ۽ ٽيڪنالاجي، جنهن جي ذريعي اها اميد هئي تہ اخلاق، (بهترين) ڪردار ۽ روحاني بلندين تائين پهچڻ جو اهم سبب ٿئي ۽ انسان جي لاءِ ڪم ۽ روزانو جي سختين کان نجات جو سبب ٿئي، پر ان جي ابتڙ، انسان جي فراغت واري فرصت کي ڳيهڻ ۽ نين نين تبديلن ۽ ظاهري ڏيڄ ويڄ ۽ شوبازي جي احساس کي پيدا ڪرڻ جو ذريعو ٿي چڪي آهي.

«گهٽي آرام لاءِ گهٽي محنت ۽ گهٽو آرام گهٽي استعمال لاءِ» هڪ اهڙي چڪري وانگر ٿي چڪو آهي، جيڪو روزانو (انسان جي زندگيءَ جي چؤطرف) چڪر ڏئي رهيو آهي ۽ خلقت جي مقصد ۽ هدف کي وساريندي، انسان زندگيءَ جي ميدان ۾ حيران نظر اچي ٿو ۽ انسان جي سيني احساسن ۽ روحاني رخن ۽ سندس سچي جذبي کي معاشري جي نفسياتي سختين جي اثر هيٺ مروڙي رکيو اٿس ۽ بلند هدفن ڏانهن حرڪت ڪرڻ بجاءِ، نہ چاهيندي بہ، مغربي (طرز جون) خواهشون ۽ سوچون والدين، ٻارن ۽ نوجوانن جي ڪردار کي ناهين ٿيون.

اڄ ڪلهہ جي زماني ۾، مادي ترقين جي باوجود، انسان هڪ احساساتي ۽ معنوي محتاجي جو شڪار آهي، جنهن جو اصلي سبب، صحيح تربيت جو نہ هجڻ، زندگي جو صحيح مقصد بيان نہ ڪرڻ، پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ الله سائين جي وحدانيت مطابق عمل نہ ڪرڻ ۽ زندگيءَ ۾ ان ذات جي مؤثر هجڻ جو عقيدو نہ رکڻ آهي، جنهن جو طبيعي طور تي اهو ئي نتيجو نڪري ٿو تہ اهي شيون انسان جي لاءِ حيراني، پريشاني، زندگيءَ جي گهڙين کي اجائي اميدن ۾ وڃائڻ ۽ اهڙي ريت مال، پوسٽ (جنهن بہ طريقي سان ملي) حاصل ڪرڻ ۽ نتيجي ۾ ديني طريقن ۽ اصولن کي پائمال ڪرڻ جو سبب ٿي چڪيون آهن.

انسان اڄ جي زماني ۾ پاڻ کي گم ڪري ڇڏيو آهي. انسان پنهنجي انڌير ۽ نااطمينان بخش مستقبل کان مايوس، لڳاتار پريشاني واري زندگي گذاري رهيو آهي. ان ڳالهہ ۾ ڪوئي شڪ ئي ناهي تہ، انسان جي

سعادت، اسلام جي حقيقي ۽ قيمتي اصولن ۽ معيارن جو خيال ڪرڻ ذريعي صحيح تربيت جي دائري ۾، پاڪيزه زندگيءَ تائين پهچڻ جي لاءِ آهي.[۱] تنهن ڪري، اسان ان مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ، ڪنهن راهه حل جي تلاش لاءِ آمادگي ڪندي، تربيتي پروگرامن ۽ طريقن کي اپنايون ۽ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي ٻارن جي لاءِ ان مقدس مقصد ڏانهن قدم کڻڻ جو ارادو ڪيون آهي. اهڙا پروگرام جيڪي انسان جي جسم ۽ روح جي ضرورتن درميان، برابري آڻي سگهن ۽ ٻارن کي مستقبل جي لاءِ آماده ڪري سگهن. اهڙي ريت جو اهي وڏي شخصيت جا مالڪ ٿي وڃن ۽ انهي ڪردار سان آراسته ٿي سگهن، جيڪي ائمه معصومين عليهم السلام ۽ حقيقي آئيڊيل شخصيتن وٽان پهتا آهن، ته جيئن ان نموني، ايمان جي تجلي ۽ نئين انتخاب جي لاءِ آماده ٿيل ماحول فراهم ٿي سگهي.

---

۱. ﴿مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِنْ ذَكَرٍ أَوْ أُنْثَىٰ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهُ حَيَاةً طَيِّبَةً ...﴾ (نحل، آيت ۹۷)